ريسرچ جرنل

# ڪينجهر

٢

سنڌي شعبو

---

سنڌ يونيورسٽي

١٩٨٨ع

ريسرچ جرنل

# ڪينجهر

(لطيف نمبر)

٢

ايڊيٽوريل بورڊ


ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (چيئرمن)
ڊاڪٽر غلام حسين پناهه
قاضي خادم
سحر امداد



سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي

١٩٨٨

تاريخ ڇپائي :- پهرين فيبروري ١٩٨٨ع

ڳاڻيٽو :- هڪ هزار

ڇپائيندڙ :- چيئرمين سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

ڇپيندڙ :- آفاش پرنٽرز نزد عبرت اخبار پريس
ڳاڙهو کاتو حيدرآباد سنڌ

ڪتابت ۽ پيسٽنگ :- عبدالسلام ٻيگهو

ملهه :- پندرهن روپيه

ڇپائڻ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

# ترتيب


| | |
|---|---|
| پهاڪر | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو<br>چيئرمين سنڌي شعبو |
| پيش لفظ | جناب مظهرالحق وائيس چانسلر<br>سنڌ يونيورسٽي |
| ڀٽائي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو | شمس العلماء ڊاڪٽر عمر محمد دائودپوٽو |
| شاهه جي رسالي جي سرن جي موسيقي | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| شاهه جي بيتن جي تلاش | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت | محمد حسين ڪاشف |
| شاهه جي ڪلام ۾ پاڻي | ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ |
| سرڪليات ۾ اصطلاح | نور فروز خواجه |
| شاهه - اول آخر شاعر | سحر امداد |
| شاهه جي رسالي ۾ تاريخي اشارا | ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ |
| ڪينجهر- ا جي ڏسٽي | |
| مونوگرام جي لسٽ | |
| خبرون | |

# ٻه اکر

سنڌي شعبي طرفان موجوده جنرل ڪينجهر جي هيءَ ٻي اشاعت آهي جيڪا اوهان جي هٿن تائين پهچي پئي. آءٌ هن سلسلي ۾ پنهنجن سڀني ساٿين جو ٿورائتو آهيان جو هنن هن ڪم ۾ ساٿ ڏنو. پنهنجي دوست ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ جا ٿورا مڃڻ ايئن آهي جڻ پنهنجا پاڻهي ٿورا مڃڻ. ته به اميد آهي ته منهنجا جذبات هن کان ڳجها نه آهن.

آخر ۾ محترم مظهرالحق صديقي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽيءَ جو دلي شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو پاڻ يونيورسٽيءَ جو روح روان هجڻ جي حيثيت ۾ هونئن به علمي ادبي سرگرمين جا سرپرست آهن، پر سنڌي شعبي جي ادبي سرگرمين ۽ اشاعت جي ڪم ۾ پاڻ خاص ڌيان ڏنو اٿن. سندن انهيءَ دلچسپيءَ سنڌي شعبي کي هڪ مٿاهون مقام ڏنو آهي. آءٌ پنهنجي طرفان ۽ پنهنجن ساٿين طرفان سندن بيحد ٿورائتو آهيان.

فقط

عبدالجبار جوڻيجو

۲۰-۱-۱۹۸۸ع

ماڻهو ٻين حيوانن کان انهيءَ ڪري نيارو آهي، جو ان ۾ الاهي نور جو ذرو موجود آهي. جنهن جي وسيلي هو خدا کي سڃاڻي سگهي ٿو ۽ جنهن ڪري ئي ٻين حيوانن کان ممتاز آهي. جڏهن اها باطني شناس ۽ اندروني حس منجهس نه هجي ها ته هو به پسن سمان آهي. انهيءَ ڪري چيو اٿن ته "من عرف نفسه فقد عرف ربه". انسان عالم اصغر آهي، تنهن ڪري ان ۾ عالم اڪبر جون سڀ خصوصيتون ننڍي پيماني تي موجود ۽ متجلي آهن. انسان جي دل هڪ آرسي آهي، جنهن ۾ عالم ملڪوت جا نقش ۽ نگار اولڙي طور جلوو ڪن ٿا، ليڪن الهيءَ قسم جي اتصال يا نسبت کي اتحاد ۽ حلول نٿو چئي سگهجي.

صوفين ۽ اهل ظاهر جي وچ ۾ هي اختلاف آهي، جو اهل ظاهر چوندا آهن ته خدا تعاليٰ ڪائنات جي سلسلي کان الڳ ۽ هڪ بلڪل نياري ذات آهي، ۽ صوفين موجب الله تعاليٰ ڪائنات کان ڌار نه آهي بلڪ هڪ ٻئي کي ذلي بغير سڃاڻي نٿو سگهجي:

"مو" پڻ ڪونهي "هن" ري، "هي" نه "هن" ٿان ڌار
الانسان سري وانا سره، پروڙج پچار
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

ايتري قدر ته سڀئي صوفي مڃين ٿا، ليڪن انهن جي تعبير ۾ گهڻو تفاوت آهي. هڪڙن وٽ الله تعاليٰ هڪ مطلق وجود يا مطلق هستيءَ جو نالو آهي، جو جڏهن تعينات يا مظاهر جي صورت ۾ جلوه گر ٿئي ٿو، تڏهن ئي سڀ ممڪن شيون پيدا ٿين ٿيون.

سرتيون سڀ ڪهاه، مارهو مڙ منصور کي
ٿي ترڪيب تباه، وحدت واٺي هيڪڙي.
(خواجه محمد زمان)

سمنڊ جون هزارين لهرون جدا جدا آهن، پر حقيقت ۾ پاڻي هڪ ئي آهي:

لهرن لک لباس، پاڻيءَ وهن هيڪڙو
ڪوڙين ڪاپائون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ پنهنجي جيءَ سين، درسن ڌارو ڌار
پرين تنهنجا پار، کهڙا چئي ڪهڙا چوان.
(شاهه عبداللطيف)

هٿي ته ڇو نه روا آهي؟

روا باشد انا الله از درختي
چرا نبود روا از نيڪ بختي؟

۽ شاه صاحب اهو وحدت جو نڪتو نهايت سهڻي نموني ۾ نروار ڪيو آهي:

جر تــڙ تک تنوار، وڻن واني هيڪڙي
سيئي شــيءِ ٿيا، ســوريءَ ســزا وار
همه منصور هــزار، ڪهي ڪهندين ڪيترا.

ليڪن انهــيءَ تنوار سڻ لاءِ ڪي ڪن گهرجــن، فقط اهــل دل انهيءَ معنيٰ کي محسوس ڪري سگهن ٿا، جيئن رومي فرمايو آهي:

جمله ذرات عالم در نهان
با تو ميگويند روزان و شبان
ماسميعيم و بصيريم و خوشيم
با شما نـا محر مان ماخاميم
نطق آب و نطق خاڪ ونطق گل
هست محسوس حواس اهل دل.

سنڌ ۾ تصوف ڪامل صورت ۾ پوري جاوي ۾ پڌيدار ٿيو. سنڌ جي پاڪ زمين اهڙن خيالن لاءِ منڍ کــان صالح هئي. سنڌ جــي سينئي صــوفين سگهورن ۽ روحاني شاعرن وحدت الوجود جو نغمو ڳايو، ۽ ان جي آسمان ۾ غلغلو مچايو. سنڌ جا حاڪم به ديني مصلحت ۽ رواداريءَ جا حامي هئا ۽ ڪنهن به حق جي عاشق کي ناحق نه ستايو. اسان جو پهريون عارف ۽ شاعر قاضي قاضن (وفات ٩٥٨ هه) وجودي هــو، ۽ شاه ڪريم (وفات ١٠٢٢ هه) وجودي به هو ته شهودي به هو. قاضي قاضن چيو آهي ته:

تہ فنا في الله جي حيثيت ۾ انهن تان سڀ ديني فرائض ۽ تڪليفون لهيو وڃن، سو اسلامي تصوف جي اصولن جي برخلاف آهي. خود حلاج ويندي ڦاهيءَ تائين نماز ۾ مشغول رهيو. هو تہ پاڻ چوندا آهن تہ "حضور قلب حاصل ڪري پاڻ وڃائي، پوءِ تڪبير چئو":

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ نماز
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئو.
(شاهہ)

باوجود قاضي قاضن سان نڪري ڪاڻ جي، شاهہ ڪريم صريح وجودي هو، جيئن سندس ڪيترن ئي بيتن مان پڌرو آهي:

مروئان موران، پڪئان، وائي ٻـي م ٻل
هـو هلاچو هل، ٻـا الله سندو سڄڻين.

—

سوئي هيڏانهن، سوئي هوڏانهن، سوئي من وسي
تيهين سندي سوجهري، سوئـي سو پسي.

—

پـاڻي سلطان، پـاڻئي ڏي سنيهـڙا
پـاڻ ڪر پاڻ لهي، پاڻ سڃائي پـاڻ.

—

اسين سڪئون جن کي، سي تان اسين پاڻ
هاڻـي وڃ گمان، سهي مڃاتـا سپرين.

لطف الله قادري، جو شاهہ ڪريم سان لڳ ڀڳ ۽ شاهہ لطيف کان گهڻو اڳيرو زنده رهيو آهي، سو "اسم ذاتي" جي وصف ۾ هيئن ٿو چوي:

ميانون الله، هـادي جـو حق
او پاڻان ويا پيڙا، ٿين ذات مطلق
ظاهر الا انا .ات نڪو شبه نه شڪ
حاصل جنين حق، سي واصل ٿيا وصال ۾.

ميون عيسو، جو شاه ڪان عمر ۾ وڏو پر سندس همعصر هو، هڪ متشرع عالم ۽ عامل ٿي گـذريو آهي، سو وحدت الوجود کي هـن طرح ٿو نباهي:

جي پاڻ نه پسين پرينءَ کي، ته تون پسي صحيح سڄڻ
ان اللـه بصير بالعباد، اي حـرف هنئين سين هـڻ
پـرور ڪـي پسڻ، آهـي سـڀ ڪنهن شـئـي جـو.

—

پسين جـي پـر ڪنهين، تـه سڄڻ تـوهين ساڻ
و هو معڪم اين مـا ڪنتم، اي عيسي سـڻ اهڃاڻ
نـوڙت ۽ نيـاز سـن، جـي صحي سڃاڻين پـاڻ
تـه معرفت مـهـراڻ، منجهـان تـو مـوج هـٿي.

—

اڏ مـي الـدر ڪـان، مـوج هـنـئـي مهـراڻ
تـه علائقا هـن عالم جـا، ويندو پـاڻئون آڻ
بلڪ پيهي ويـنـديـن پـاڻ، پريندم ان پـاتار ۾.

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (وفات ١٠٧٥هه) اگرچه هڪ فقيه هو، ۽ ظاهر شريعت جـو پابند هو، ۽ شايد ان ڪري ئي خواجه محمد زمان ۽ شاه لطيف ۽ مخدوم محمد معين سان نه پوندي هيس، سو بـه هڪ وڏو صوفـي ۽ روحاني بزرگ هو، جيئن سندس تصنيف "قوت العاشقين" مان ظاهر آهي. ليڪن هو شهودي هو ۽ دين متين تي راسخ. جنهن ڪري دل نه چاهيندي

هيس تہ ماڻهو ڄاڻي واڻي وحدت الوجود جي ڳن ۾ وڃي آجهڪن، ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهن جي رهبري لاءِ شريعت بالڪل ڪافي ۽ شافي آهي، انهن کي ماوراءلحيات جي مسئلن ۾ نہ منجهائڻ گهرجي:

حوصلو حيرت ۾، ڪري ڪونہ درڪ
جو حسن سندو حق، سو ڪور پروڙي ڪينڪي.

ليڪن اندر جي اڄائي ۽ اخلاص، تڪبر ۽ پاڻپڻي کان آجائي سيئي لاءِ ضروري آهي. ڇاڪاڻ اهو پنهنجو پاڻ آهي، جو پرينءَ کي پراهون ڪري ٿو. لطيف سائين فرمائي ٿو:

"پاڻ" پردو پاڻ کي، ستي ڪر سنڀال
وڃان جو وصال، سو تان هئڻ "هن" جو.

حافظ فرمائي ٿو:
ميان عاشق و معشوق، هيچ حائل نيست
تو خود حجاب خودي حافظ از ميان برخيز.

نہ فقط هيترو، پر جيڪو خيال پائين تہ حجاب (پردي) کي پري ڪندو، سو خود حجاب آهي. ان کي اچلائي ڇڏ. خود عشق جو خيال ڪرڻ پڻ عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ حجاب آهي: "العاشق والمعشوق".

رومي فرمائي ٿو:
تو هر خيال که کشف حجاب پنداري
بينگنش که ترا خود همان حجاب شود.

شاهہ لطيف وري هيئن ٿو چوي:

عين شرڪ اهوءُ، جيئن بي‌شرڪ پائين پاڻ کي
وڃائي وجود کي پاڻان پاسي ٿيءُ
هيڏنهن ڪونهي "هيءَ"، "هو" پڻ ڪونهي
"هن" ري.

تہ نڪو ڏونگر ڏنيوءِ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ

پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

جي پاڻ ۾ پٽيندا ويا. اهو پنهنجو پاڻ آهي جو عجيبن جي آڏو ڦري ٿو:

سو پکي، سو پيچرو، سو سر، سوئي هنجهہ

پڇي جان پروڙيو، ســون پنهنجو منجهہ

تہ ڏيل جنهن جو ڏنجوء، سوماري پيو منجهہ ڦري.

حاصل ڪلام تہ وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جو بحث تمام وڏو آهي. دفتر گهرجن تہ هن جو بيان پورو ٿيئو نہ تہ آهي.

الفناء في الله، انسان جي روحاني ترقي جو فقط پهريون ڏاڪو، ۽ البقاء بالله جو پيش خيمون آهي. جيئن الله تعاليٰ جي ذات بي ابتدا ۽ بي انتها آهي، تيئن انساني روح جي ترقي بہ لاانتها آهي. وڏيڪ چپن تي مهر آهي.

تہ انشاءالله شاھ جي سرن جي موسيقيءَ تي ظني رايا نہ پر حتمي فيصلا ڪري سگهبا.

آخر ۾ آءٌ پنهنجو ڪڍيل نتيجو وري ورجائيندي عرض ڪندس تہ شاھ جو سارنگ موسيقيءَ جي ترتيب موجب بندرابني سارنگ آهي، جنهن کي هندوستاني راڳ مالا ۾ فقط "سارنگ" بہ سڏيو ويو آهي.

## ضميمون پهريون

(الف) هندوستاني راڳ مالا مان

ڪلياڻ (ڪليان)
يمن (ايمن)
ڪنبات (ڪنبوتي)
سريراڳ ( سري )
سهڻي (سوهني)
ديسي (ديسي)
حسيني (حسيني)
ڪاموڏ (ڪامود)
ڪيڏارو (ڪيداره)
سارنگ (سارنگ)
سورٺ (سورٺ)
آسا (آساوري)
بروو (بروه)
رامڪلي (رامڪلي)

پورب (پوربي)
بلاول (بلاول)
ڌناسري (ڌناسري)

١٧

(الف) سترهن ئي سر راڳ
راڳڻين ۾ موزون
ٿيل آهن. راڳ مالا ۾
ٻرياتي جوءِ نالو آهي

## (ب) مضمون مطابق ۽ بظاهر مقامي راڳڻين ۾ موزون ڪيل

سامونڊي
سسئي آبري
معذوري
ڪوهياري
ليلا چنيسر
مومل راڻو
مارئي
گهاتو
رپ
ڪاهوڙي
ڪاپائتي
ڪارايل
پرڀاتي
ڏهر

١٤
(ب) ڪوهياري ۽ راڻو تہ مقبول
سنڌي راڳڻيون ليکجن ٿيون.
ٻرهي سڀ سرڪن راڳڻين
تي آڌاريل آهن.

## (ج) رسالي جو ڌاريون ڪلام

بيراڳ هندي
هير رانجهو
ڍول مارئي
سينهن ڪيڏارو(ڪيداره)
بسنت بهار (بسنت بهار)
بروو هندي چونڪو (بروه)
مثنوي

(ج) ڌاريون ڪلام آهي، پر ڌنگين
۾ آيل راڳڻين وارو ڪلام وڌيڪ
ظاهر آهي.




مٿيون راڳ جو وڻ صادق علي نمان دهلوي جي ڪتاب قانون موسيقي ۾ باب علم سنگيت
سال ١٢٨٦ هه موجب ڏنل آهي.

# راڳ شڌ ملهار

ٺاٽ : ڪماچ
برن : اوڊو ـ اوڊو
آروھ : ساري ماپا ـ ماپا ڌا سا
اوروھ : سا ڌا پا ما ري سا
وادي سر : مڌم
سموادي : کرج (سا)
خاص تان : سا ما ري پا ڌا پا پا ما ري سا
وقت : برسات جي موسم ۾ هر وقت ڳائجي ٿو.

تفصيل : هن راڳ ۾ گنڌار ۽ نکاد برجت آهن. باقي سڀ سر شڌ آهن. هي بنيادي ڇهن راڳن مان هڪ آهي. ملهار جا ٻيا سڀ قسم هن مان تخليق ٿيا آهن. ڪماچ ٺاٽ ۾ هي ئي هڪڙو راڳ آهي جنهن ۾ نکاد متروڪ آهن. حالانڪ ٻئي نکاد ڪماچ ٺاٽ جي خصوصيت آهن.

# راڳڻي گونڊ ملهار

ٺاٽ : ڪماچ
برن : سمپورڻ ـ سمپورڻ
آروھ : ساري گاما گاما ما پا ڌا ني سا
اوروھ : سا ڌا ني پاري ما گاري گاري سا
وادي سر: مڌم
سموادي سر: کرج ( سا )

خاص تان: ري گاما - ماپا ڌاني پاما - گاري گاري سا
وقت: مينهن جي موسم ۾ هر وقت ڳائجي ٿو.
تفصيل: هيءَ راڳڻي گوڙ ۽ ملهار جي ملاوت سان ٺهي آهي. شڌ ملهار ۽ گوڙ ملهار ۾ فرق هي آهي تہ شڌ ملهار ۾ گنڌار ۽ نکاد ورجت آهن ۽ گوڙ ملهار ۾ ڪم اچن ٿا. هن ۾ سر وڪر ڪري لڳائجن ٿا. هن ۾ شروع ۾ گاما گاما ۽ آخر ۾ گاري گاري سا لڳائڻ کپن. ڪومل نکاد ۽ پنچم جي سنگت سبب راڳڻي وڌيڪ خوبصورت ٺهي ٿي. ٻئي لکاد اچن ٿا ۽ ٻيا سڀ سر شڌ آهن.

# راڳڻي ميان ڪي ملهار

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي نکاد ڪومل ۽ باقي سر شڌ آهن. آروه ۾ گنڌار ورجت آهي.

ٺاٺ: ڪافي
ورن: کاڊو - سمپورڻ
آروه: سا ما ري پاني ڌا ني سا
اوروه: سا ڌا ني پاما پاما گاما گاما پا ماري سا
واري سر: پنچم
سموادي سر: کرج (سا)
خاص تان: ماگا ماگا ما پا ما ما ري سا. نيني پاني ڌاني ني سا.
وقت: رات جو يا موسم برسات ۾ هر وقت.
تفصيل: هيءَ راڳڻي مشهور موسيقار ميان تان سين جي ايجاد آهي. شڌ ملهار ۾ تبديليءَ سان ميان تان سين هيءَ راڳڻي ترتيب ڏني. ميان جي ملهار، ڪانهڙي جو هڪ قسم هئي ۽ هن ۾ ڪانهڙي جي ڪومل ڌيوت کي شڌ ڌيوت ۾ تبديل ڪري ان جو هي نالو رکيو ويو.

# راڳڻي سورداسي ملهار

هن ۾ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا. باقي سڀ سر شڌ آهن. گنڌار ورجت آهي. آروهه ۾ ڌيوت به ورجت آهي.
ٺاٽ : ڪافي
ورن : اوڊو - کاڊو
آروهه : سا ري ما پا ني سا
اوروهه : سا ني ڌا ما پا ني ڌا پا ماري ني سا
وادي سر: ڪرج ( سا )
سموادي سر: پنچم
خاص تان: ني ڌا ما پا.ني ڌا پا
ونت : ڏينهن جو ٻيو پهر
تفصيل : هن راڳڻيءَ جو موجد هنديءَ جو مشهور شاعر ۽ سادو سورداس آهي. سارنگ ۽ ملهار جي ميل سان ٺهي آهي. ڪماچ ٺاٽ جي راڳڻي سورٺ سان ملي ٿي.

# راڳڻي ميرابائيءَ ڪي ملهار

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي گنڌار، ٻئي ڌيوت ۽ ٻئي نکاد آهن. ٻيا سر شڌ آهن
ٺاٽ : آساوري
برن : کاڊو - کاڊو

آروهه : ني سا ري ما ري پا ني ڌا ني سا
اوروهه : سا ڌا ني پا ما پا گا ما پا گا ما ري سا.
وادي سر : مڌم
سموادي سر : کرج (سا)
خاص تان: ني سا ري ما ري پا گا ما پا گا ما ري سا.
وقت : برسات جي موسم ۾ هر وقت

تفصيل : آروهه ۾ ڪنڌار ورجت آهي. هيءَ راڳڻي آڌيپور جي راڻي ميرابائيءَ جي تخليق ڪيل آهي. هوءَ شاعره هئي ۽ سنگيت ڪار به. شري ڪرشن جي محبت ۾ اهڙي حالت ٿيس جو راڄ ڇڏي فقيري ويس ڍڪيائين ڪرشن جي عقيدت ۾ ڪيترا ڀڄن چيائين جيڪي هوءَ خود ڳائيندي هئي. هن راڳڻيءَ جي آروهه ۾ ميان ڪي ملهار ۽ اوروهه ۾ آڏاڻا ڇانو آهي. شڌ ڪنڌار جو استعمال هن راڳڻيءَ کي آڏاڻا ۽ درباري ڪان علحدو ڪري ٿو.

## مضمون پنجون

# راڳڻي شڌ سارنگ

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ۽ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا. باقي سڀ سر شڌ آهن. ڪنڌار ورجت آهي ۽ آروهه ۾ ڌيوت به ورجت آهي.

ذات : کاڊي
ورڻ : اوڊو کاڊو
آروهه : سا ري ما پا ني ني سا
اوروهه : سا ني پا ما ڌا پا ما ري سا ني سا
وادي سر : رکب

سموادي سر :    پنچم
خاص تان :    ري ما پا ني ڌا پا ما ري سا
وقت :    ڏينهن جو ٻيو پهر
تفصيل :    هيءَ راڳڻي شام ڪلياڻ ۽ سارنگ جي آميزش آهي. شام ڪلياڻ کان دور رکڻ لاءِ هن جي آروهه ۾ تيور مڌم سان گڏ شڌ مڌم به ڪم آڻجي.

# راڳڻي گوند سارنگ

ٺاٽ :    ڪلياڻ
برن :    کاڏو - سمپورڻ
آروهه :    ني سا گا ري ما گا پا ما ڌا پا ما پا سا
اوروهه :    سا ني ڌا پا ما پا ڌا پا گا ري ما گا پا ري سا
وادي سر :    گنڌار
سموادي سر :    ڌيوت
خاص تان :    ني سا گا ري ما گا پا ري سا
وقت :    ڏينهن جو ٽيون پهر
تفصيل :    هن راڳڻيءَ ۾ آروهه ۾ نکاد برجت (ممنوع) آهي. گوند سارنگ جو وکر آروهه اوروهه کيس ٻين ملندڙ راڳڻين کان جدا ڪري ٿو. ممنوع هوندي به آروهه ۾ نکاد جو سر ڪم اچي ٿو. باقي سڀ سر شڌ آهن.

# راڳڻي بندرابني سارنگ

ٻئي نکاد ڪومل، ٻيا سڀ سر شڌا آهن.
ٺاٽ : ڪافي
ٻرن : اوڊو – ڪاڊو
آروهه : سا ري ما پا ني سا
اوروهه : سا ني ڌا پا ما ري سا
وادي سر : رکب
سموادي سر : پنچم
خاص تان: ري ما پا ما ري ني سا
وقت : ڏينهن جو ٻيو پهر
تفصيل: آروهه ۾ ڏيوت ۽ گنڌار، ۽ اوروهه ۾ گنڌار برجت آهي. راڳڻيءَ کي سارنگ يا بندرابني سارنگ چئبو آهي. آروهه ۾ شڌ نکاد ۽ اوروهه ۾ ڪومل نکاد ڪم آڻبو آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا، جيڪا ڪماچ ٺاٽ جي خصوصيت آهي. قاضي ظهورالحق صاحب لکي ٿو ته ”منهنجي راءِ ۾ هن کي ڪماچ ٺاٽ ۾ ڳڻڻ گهرجي. هن ۾ ڪافي ٺاٽ جي ڪا به علامت نظر نٿي اچي. ڪافي ٺاٽ ۾ ته گنڌار کي اهميت حاصل آهي.“
رهنماهه موسيقي ص ص ٢٧٨ – ٢٧٩

رهنماءِ موسيقي، پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس اسلام آباد، ١٩٧٥ع ص ص ٢٩-٣٠.
٦- منظور نقوي: سنڌي راڳ ۽ تال، انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ص ٣٩.
٧- فوٽو سٽيٽ صفحا ۽ ٻيا ضميما پير بخش مغل جي ڪتاب راڳ ساگر، سعيد آرٽ پريس حيدرآباد ١٩٥٥ع جا آهن.
٨- ضميمن ۾ آروهي اوروهي ۽ راڳڻين جو تفصيل جناب قاضي ظهورالحق صاحب جي ڪتاب رهنماءِ موسيقيءَ، تان ورتل آهي.

خود ثنائي ۽ خود خياليءَ ۾ مڪن نہ رهي.

لطيف انسانيت جي ميراث آهي. ڪنهن هڪ مانهوءَ جي مٽ ۾ اڇڻ وارو نہ آهي.

(انشاءالله هن مقالي جي ٻي قسط ۾ فقير سرائيءَ جي ڪتاب "آماهہ اٿوريا" جي بيتن جي شاهہ جي رسالي جي هڪ ڇاپي سان ڀيٽ ڪنداسون. جنهن ۾ پڙهندڙن بہ بحث هين آڻيون).

( ) بيت تہ هونئن ئي گهڻي ڀاڱي رد ٿيا پيا آهن. محترم يوسفاڻي جي شائع ڪيل ڪتاب "ڏيهي ڏور ٿيا" جي تنقيدي مقالي 'مٽي هاڻي مامري ۾ نقاد ناسڻو نارائي جي تنقيد آهي، جنهن ۾ هن صاحب پوري ڪوجنا سان آندل بيتن جو جائزو ورتو آهي. جيڪڏهن فقير سرائيءَ وٽ آن تنقيد جو مدلل جواب هجي تہ ڏيئي سگهي ٿو. ڏسو ڏيهي ڏور ٿيا، صوفي فقير ١٩٨٥ ص ص٩٧ کان ٩٥.

جڳ جيئن ڇوه، سوڍو تيئن نه سگهيو.
راڻو، اين ٿه نه روه، جيئن گوڙهو ڳل پوي
(شاهه رحه)

سنڌو ماتر جو ماڻهو ڀنون جي سماجي اڏاوت لاءِ لطيف کي رهبر تصور ڪري ٿو ۽ قومي وجود جي بقا لاءِ سيني ڀنڊڻن کي هڪ ٿي ڇرڪ سان ڇنيو ڇڏي:

ٿو نيڻرر ڏهه ڏانوڻ، ڀنڊرهن پيڊ پياس،
جڏهه سڄڻ ياد پياس، ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي
(شاهه رحه)

منهون جي خيال ۾ "موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت" ان ڪان وڌيڪ ٿي ٿي نٿي سگهي ته خدا ۽ رسول صه کان پوءِ شاهه لطيف جو فلسفه حيات ئي آهي. جنهن جي بنياد تي هي قوم زنده رهندي آئي آهي ۽ زنده رهندي ايندي. ڇاڪاڻ ته لطيف حق ۽ سچ جو ساٿي آهي:

ڊاڪٽر غلام حسين ڄمڙ

# شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ پاڻيءَ جو مقصد

شاهه جي ڪلام جو اڀياس ڪرڻ لاءِ يا شاهه جي ڪلام جو روحاني مقصد سمجهڻ لاءِ ضروري ٿئي ٿو ته سندس ڪلام ۾ آيل تمثيلن کي سمجهڻ گهرجي ڇو ته لاکيڻي لطيف جو ڪلام هر حال ۾، هر جاءِ تي هر ماڻهوءَ جي سمجهه مطابق، پاڻ ۾ مضمون ۽ مقصد سمائي ٿو. سندس ڪلام ۾ آيل علامتن ۽ تمثيلن هر ڪنهن شارح پنهنجي پنهنجي سمجهه مطابق سمجهايون آهن. هتي فقط پاڻي جي آيل تمثيل يا علامت تي بحث ڪندي ته شاهه پنهنجي ڪلام ۾ پاڻي جو مقصد ڇا پيش ڪيو آهي.

شاهه سر مارئي جي ابتدائي بيت ۾ روحن جو الله سان، خلقڻ وقت ڪيل وعدي جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي ته :

آلست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالوا بلي قلب سين، تڏهن تت ٿيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.
(سر مارئي)

روحن جي قلبي واعدي کان پوءِ الله هي ڪائنات خلقي جنهن لاءِ شاهه صاحب چوي ٿو:

فيڪون فدا ڪري، ڪهيائين سين ڪن،
تعظيما تمام ڪري، پوءِ پتريائين پون،
مارو ٿنان موُن، پينر! پاڳي آئيا.
(سر مارئي)

اهو سودو کهڙو آهي، اها ڀانهپ ڪيئن ڪجي، تنهن جو ذڪر وري شاهه هن ريت ڪري ٿو ته:

ساري رات سجاڳ، سودو ڪن صاحب سين،
ڀانهپ ڀري ڀڙيون؛ هلنا جوپ جوان،
پاڻي پهلوان، لحظي منجهه لنگهي ويا.
(سر سريراڳ)

وڌيڪ چوي ٿو ته:

جنين سودو سچ جو، وکر وهايو،
بخروا لهم البشري جو، انهين لئي آيو،
ان کي لالڻ لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.
(سر سريراڳ)

جنهن اهو سودو ڪيو، ڀانهپ جو وکر ورتو، سچ جو سودو ڪيو سمنڊ جي تري ۾ رهي عميق کي ڏٺو، الله جي راز کي پرکيو، تن پنهنجي اکين سان ديدار ڪيو، جنهن بابت شاهه چوي ٿو:

وٺا جي عميق ڏي، سڀ ڪاڻو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، اصل اکڙين سين.
(سر سريراڳ)

اهڙيءَ طرح شاهه سائين ٻئي هنڌ تي مٿين حقيقت تي هن ريت ٿو پيش ڪري:

جيڪي ڏٺم تار ۾، ڪنڌيءَ سو ڪهڄ؛
جر وڏو جهاجهه گهڻي، پاند م پسائيج؛
ساهڙ ساڱا هيج؛ ته ثابت لنگهين سير مان.

شاهه صاحب سهڻي کي هدايت ڪندي چوي ٿو ته درياهه ۾ پاڻي به گهڻو آهي، انهيءَ ۾ گهڪوڙ ۽ تيزي به گهڻي آهي؛ ۾ تو کي گهرجي ته ساهڙ جي ساڃهه ڪر ته پوءِ تون انهن سڀني خطرن کان نڪري درياهه جي سير جي تيز وهڪري مان تري پار وڃين سگهين.

هن دنيا جي مها ساگرن مان، درياهه جي دلبي ڪان، جو جي جانورن کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو ۽ ڪيئن دنيا جي درياهه جي پاڻي کان پاڻ کي بسائڻ کان سواءِ اُن پار پهچي سگهجي ٿو، تنهن لاءِ چوي ٿو:

ڪر طريقت ٽڪڙو، شريعت سڄاڻ،
هيون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ڄاڻ،
هوءِ ٿابوتي ساڻ، تہ پسڻ کان پالهو رهين.
(سر آسا)

وري سر سهڻي ۾ چوي ٿو:

ساري سِڪ سبق، شريعت سندو سهڻي،
طريقتا ٽڪڙو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي.
(سر سهڻي)

مٿين سهني بيتن جو مقصد نظر ۾ رکڻ کان پوءِ اهو ظاهر نظر اچي ٿو تہ شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ پاڻي جو تصور دنيا لاءِ ڪم آندو آهي انسان جي زندگي پاڻيءَ جي تيز رفتار وانگر گذري ٿي ۽ جر جا جانور هتي دنيوي اسباب آهن، جيڪي انسان کي ڪاهو وجن، اهو پاڻي جو وهڪرو آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي مقصد کان هٽايو ڇڏي اوجهڙ وجهي ٿو. هتي انسان کي پاڻي جي پار ۾ وڃڻ مان صاف ظاهر آهي تہ انسان کي هن دنيا معني پاڻي جي پار ۾ اڪلايو ويو آهي ۽ ڪيئن پاڻي ۾ پلاند نہ بسائڻ لاءِ چيو ويو آهي، معني دنيا جي اسبابن کان بچڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي.

هاڻي شاھ جي رسالي مر ڪليان مان چونڊ اصطلاح پيش ڪجن ٿا.

١. اول الله عليم ، اعلي عالم جو ڌڻي ،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آھ قديم ،
والي، واحد، وحده ، رازق، رب، رحيم ،
سو ساراھ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

هن بيت ۾ اصطلاح آهي :
جوڙون جوڙڻ    جهان خلقڻ.
جهان جون آسون اميدون پجائڻ.

٢. جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين ،
خاوند خاص خلقي ، محمد مڪائين ،
ڪلمو ته ڪريم تي، چئو چايائين،
انا مولاڪ وانت محبوبي : اي آتائين ،
ڏکي ڏنائين، ھئي سرائون سيد چوي .

اصطلاح : ڏکي ڏيڻ    سينگاري ڏيڻ.

٣. وحده لا شريڪ له ، جڏھ چيو جن ،
تن ڀيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هنين،
تڏهن منجهان تن، اوتڙ ڪونه اوليو .

اصطلاح: اوتڙ اولڻ    گمراھ ٿيڻ ، غلط رستو اختيار ڪرڻ.

٤. وحده لا شريڪ له، پڌھ نه ڀوڙا ،
ڪر توڪنين نه سنا، جي ڪهت اندر کهوڙا،
ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندھ سامهان.

اصطلاح : ڳوڙها ڳاڙڻ    همت هڻڻ، پشيمان ٿيڻ، هنجون هارڻ

٥. وحده لا شريڪ له، ايءَ وهائج ويءَ ،
ڪنين جي هارائيين: هنڌ تنهنجو هيءَ ،
پاڻان چولڌھ پيءَ پري جام جنت جو .

اصطلاح : ويءَ وهائڻ — عادت بنائڻ، دستورالعمل ڪرڻ، وٺج يا سودو ڪرڻ.

٦. وحده لا شريڪ له، ايءُ هيڪڙائي حق،
ٻيائيءَ ڪيو ٻڪ، جن وڏو سي ورسيا .

اصطلاح : ٻيائيءَ کي ٻڪ وجهڻ — شرڪ کي ڇڏي ڏيڻ.

٧. وحده جي ويٺا، الا الله اڏ ڪٺا،
محمد رسول ڇڏي، مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي، انهين ٻهه ٻيا،
تيلان ڏٺيءَ ڏ ٺا جيلان ويا وحدت ڳڌجي .

اصطلاح :
ٻهه ٻوڻ — رستي تي هلڻ، طريقو اختيار ڪرڻ، انهيءَ فڪر ۾ فنا ٿيڻ.

٨. وحده جي ويٺا، الا الله سين اورين،
هينئون حقيقت ڳڌيو، طريقت تورين،
معرفت جي ماٺ سين، ڏيساندر ڏورين،
سک نه ستا ڪڏهن، ويهي نه ووڙين،
ڪلهنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي .

اصطلاح : سک سمهڻ — آرام حاصل ڪرڻ، بي فڪر سمهڻ

٩. پاڻئي پسي پاڻ ڪي، پاڻئي محبوب،
پاڻئي خلقي خوب، پاڻئي طالب تن جو .

اصطلاح : پاڻ پسڻ — خودي پسڻ، خود کي پسڻ

١٠. پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هنا اڳهين ڳڌ، پڌڻ ۾ پر ٿيا .

اصطلاح: وائيءَ جو ور لهڻ — ڳالهه جو بنياد يا منجهه معلوم ڪرڻ

١١. ڪوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءُ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏار و ڏار،
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

اصطلاح : ٻار ڄوڻ       صفتون يا صورتون بيان ڪرڻ.

٠١٢   انڊا اونڊا ويچ، ڪل ڪڇا لئي ڪانئين،
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون ٻاريين ٻيچ،
سوري جنين سيج، سرڻ تن مشاهدو.

اصطلاح : مشاهدو ماڻڻ       ديدار پسڻ

٠١٣   سوري آه سينگار، اکين عاشقن جو،
مڙڻ، مونڻ مهڻون، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

اصطلاح : نظاري نروار ٿيڻ       پڌري پٽ اچڻ، ظاهر ٿيڻ

٠١٤   سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءُ ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هان سامهان.

اصطلاح : سوريءَ چڙهڻ       ڦاهيءَ تي چڙهڻ، فنا ٿيڻ

٠١٥   سوريءَ جي سؤ وار، ڏيهاڙئو چنگ چڙهيين،
ڄم ورهي چڏيين؛ سڪڻ جي ٻچار،
پرت نه پسين پار، نينهن جڻائين نگيو.

اصطلاح : چنگ چڙهڻ       سوريءَ تي چڙهڻ، نيزن تي چڙهڻ؛ پڌرو ٿيڻ، مشهور ٿيڻ.

٠١٦   جي تون سڪڻ سکيو؛ ته ڪاتيءَ هيٺ م ڪنجهه؛
سپيريان جي سور جو ماڙهن ڏجي نه منجهه؛
اندر ايءُ اهنج، سانڍج سڪائون ڪري.

اصطلاح : منجهه ڏيڻ       راز ظاهر ڪرڻ، انت ڏيڻ.
سڪائون ڪرڻ       باسون باسڻ

٠١٧   جان ويٺين تان ويهه، نه ته وئيو وات وانءُ تون،
مرءُ تنين جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾.

اصطلاح : واٽ وٺڻ      رستو اختيار ڪرڻ- روانو ٿيڻ- هليو وڃڻ

٠١٨  ڪاتي جن ڳري، مان لنئون لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
آڏيءَ سر ڌري، مان کهنهون سپرين.

اصطلاح : لنئون لڳڻ      عشق ٿيڻ
پير پري وڃڻ      پنڌ ڪري وڃڻ- پاڻ لنگهي وڃڻ

٠١٩  اڳيان اڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ نه پوين قبول ۾، مڃن پاڻين گهٽ،
متا مهاين جا، پيا نه ڏسين ست،
ڪلاڙڪي هٽ؛ ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

اصطلاح : سر سنباهڻ      ظاهر ٿي اچڻ- قربانيءَ لاءِ تياري ڪرڻ

٠٢٠  جي اٿئي سڌ سرڪ جي؛ ته ونءُ ڪلاڙڪي هٽ؛
لاهي رک لطيف چئي؛ متو ماني وٽ؛
سر ڏيئي ۾ سٽ؛ پيج ڪسي پيالون.

اصطلاح : سر سٽ ۾ ڏيڻ      سر عيوض ۾ ڏيڻ- بدلي ۾ ڏيڻ

٠٢١  ناٺي لاهه ڪڪوه؛ ڪين ملهه مهانگو منڌ؛
سنباهج سيد چئي؛ ڪالهه ڪارڻ ڪنڌ؛
هيءُ تنين جو هنڌ؛ متن پاس مرن جي.

اصطلاح : ڪنڌ ڪاٽڻ      قربان ڪرڻ- سر ودڻ

٠٢٢  عاشق زهر پياڪ؛ وه پسيو وهسن گهڻو؛
ڪڙي ۾ قاتل جا؛ هميشه هيراڪ؛
لڳين لنئون لطيف چئي؛ فنا ڪيا فراق؛
توڻي چڪن چاڪ، ته به آه نه سلن عام کي.

اصطلاح : وه پسي وهسڻ      زهر ڏسي خوش ٿيڻ
آه سلڻ      راز ظاهر ڪرڻ- درد جو احوال ٻڌائڻ
هيراڪ هئڻ      عادتي هجڻ

٢٣. م ڪر سڌ شراب جي جي تون ناريين نوه،
ٻڌي جنهن ٻاسي ٿئي، منجهان رڳن روح،
ڪاني ڇڪ ڪڪوه، لاهي سر لطيف چئي.

اصطلاح: سڌ ڪرڻ خواهش ڪرڻ
سر لاهڻ سر وڍي ڏيڻ

٢٤. سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڪ جنين جا ڏيک ۾،
سي مرڪن ٻچار، هڪيا جن جي هٿ ۾.

اصطلاح: ٻچار ڪرڻ ذڪر ڪرڻ- خيال ڏيکارڻ

٢٥. ساٿر صحت سيرين، آهي نه آزار،
مجلس وير مٺو ٿئي، ڪوليندين قهار،
خنجر تنهن خوب هٽي، جنهن سين ٿئي يار،
صاحب رب ستار، سوجهي رکون ساهه جون.

اصطلاح: مٺو ٿيڻ مٺي رهاڻ ڪرڻ- مٺي گفتگو ڪرڻ.

٢٦. سوئي راه رد ڪري، سوئي رهنما،
وتعز من تشاءُ و تذل من تشاءُ،

اصطلاح: راهه رد ڪرڻ غضب نازل ڪرڻ- گمراهه ڪرڻ

٢٧. ٻر ۾ ٻچيائون، عشق جي اسباب کي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخر و العصر جو، اينهين اتائون،
تهان پوءِ آئون، ڪان تي سلام ڪي.

اصطلاح: ٻر ۾ ٻچڻ ڪن ۾ ٻچڻ- ڪنڌ ۾ ٻچڻ- ڳجهو پچڻ.

٢٨. پريان سندي پسار جي، مڙئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، ڇڪين جي چيت ڪري.

اصطلاح: چيت ڪري هوش رکڻ- ڌيان ڌارڻ- شوق لڳائڻ

٢٩ ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سي ئي ماه مهن، سي ئي راحت روح جي.

اصطلاح: ڪر لهڻ — ياد ڪرڻ- خبر چار وٺڻ

٣٠. ڪهن ۽ ڪولين، اي* سندي سڄڻين؛
سوري* چاڙهيو سرين، ڏنڀ ڏيهاڻي ڏين،
وينا ورهه وڻين؛ آءُ واڍوڙيا وهـــاه تون.

اصطلاح: ڏنڀ ڏيڻ — تڪليف يا عذاب ڏيڻ- برباد ڪرڻ
وره وڻڻ — وڇوڙو ورهائڻ

واڻي ٣١. ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو،
ڀڪي ڏيندم ڀاڃهه جي، اهي شال عجيب؛
ڏکندو سيوئي ڏورڪيو؛ منجهئون تن طبيب.

اصطلاح: ڀڪي ڏيڻ — ستي ڏيڻ؛ دوا ڏيڻ
ڏور ڪرڻ — ختم ڪرڻ ۽ درد دفع ڪرڻ

مددي ڪتاب:

(١) علامه آءِ- آءِ- قاضي: " شاهه جو رسالو "
(٢) غلام محمد شاهواڻي: " شاهه جو رسالو "

"سڪڻ ۽ سوري سٽي اکر هيڪڙي،
پنهنجي جي پوري، جيئڻ ڏسي ري نه جڙي"

ان ڪري ئي شاهه وٽ "عاشق" زهر پياڪ آهي "سوري" اصل عاشق جو سينگار به آهي ته ڪيس سينگاري به ٿي. "سوري چڙهڻ، سيج پسڻ عاشق جو ڪم آهي. شاهه لطيف وٽ اصل عاشق پنهنجو اڳ الله ڪارڻ وڃي ٿو. شاهه لطيف وٽ اصل عاشق پڙ مٿي پرزا ٿيڻ ۽ چيري ۾ جاٽي جلڻ، سوريءَ تي مرڪي چڙهڻ جي ڀر ڀاريندا آهن. اصل عاشق جي ابتڙ شاهه لطيف "سڌڙيو" آندو آهي. جيڪو سڪڻ جي سڌ ڪري جاني ٿو. ٻڪٽي ٻڪ رکي ٿو. ۽ ان جي ڪري "سوري چڙهڻ" ۽ "ڪلاڙڪي ڪوهه" وڃڻ کان ڪيٻائي ٿو:

"سڌڙيا، سري جون ڪوهه ڀچارون ڪن."

شاهه لطيف پنهنجي فهم ۽ ادراڪ سان زندگيءَ جي آتم ۽ اعليٰ ترين ڳڻن کي پنهنجي شاعريءَ جو ۽ پنهنجي تخليق جو مرڪز بڻايو آهي. شاهه لطيف سڄي دنيا جو آهي. ان ڪري ئي پنهنجي وطن جو به آهي — ۽ ڇو ته شاهه پنهنجي وطن جو آهي، تنهنڪري سڄي دنيا جو آهي. شاهه شخصي آزاديءَ ۾ يقين رکندڙ هڪ ڏاهو، بي ڊپو ۽ ذهين انسان هو ۽ پنهنجي دؤر جو Genius هو — ۽ اهڙو "جينئس" ڪنهن قوم ۾ هڪڙو ئي پيدا ٿيندو آهي.

۽ پيش ڪيو آهي:

جڪري جهو جوان، ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾
مهڙ مڙني مرسلين سرس سندس شان،
فڪان قاب قوسين اوادني، اي ميسر ٿيس مڪان،
اي آڳي ڄو احسان، جنہ هادي ميڙيم مهڙو.

انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ صاحب حالات کان هڪ باخبر ۽ برجستو شاعر هو.

# ڏسٽي - ڪينجهر - ۱

## علوان


۱ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- شاهه جي رسالي ۾ آيل خاص لفظن جي لغات ص ۵-۴۶
۲ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو- روهڙي دا رهبر ص ۴۷-۵۷
۳ ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ- شاهه جي ڪلام ۾ طالب ۽ مطلوب ص ۵۸-۷۱
۴ قاضي خادم- جديد ڊراما - ص ۷۲-۷۸
۵ نور افروز خواجه سنڌي اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا ص ۸۹-۹۲
۶ سحر امداد صلوبن ڏي سفر، ص ۶۳-۹۹
۷ قاسم ٻگهيو شاعري جو سماجي ڪارج. ص ۱۰۰-۱۱۰
۸ هدايت پريم سيري ادب ۽ سنڌو ماٿر جو ادب ص ۱۱۱-۱۱۸
۹ ڊاڪٽر قمرجهان ميرزا حيدرآباد ۾ سرائن جو خاندان . ص ۱۱۹-۱۳۷
۱۰ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو تبصرو شيخ اياز: ساهيوال جيل جي ڊائري - ۱۳۸-۱۴۵
۱۱ هدايت پريم سنڌي شعبي جي اڳوڻن استادن جو تعارف
۽ تحقيق جو مختصر جائزو ۱۴۶-۱۵۱
۱۲ ادارو سنڌي شعبي ۾ لکيل ايم-اي ٿيسز، مونوگراف
۽ پي ايچ - ڊي ٿيسز ۱۵۲-۱۶۲
۱۳ ادارو سنڌي شعبي جي مخزنن جي ڏسٽي ۱۶۳-۱۶۹


## فهرست مونوگراف

۱۹۸۶ع - مسرت ميمڻ - ٽنڊي ڄام جو سنڌي ادب ۾ حصو.

" - عبدالرزاق ميمڻ - علم ادب جي لحاظ کان شهر ٺٽي جو جائزو

" - نثار احمد چنه - شڪارپور جي ٻاراڻي ادب جو جائزو.

## شعبي جون خبرون

١- سنڌي شعبي ۾ قائم ڪيل "شاهه عبداللطيف رسرچ سيل" پاران شاهه جي رسالي جي بيتن جي ڏسٽي / بيت لڀٽي "ڪشف الابيات" شايع ڪئي ويئي آهي. هن ڪتاب جو مرتب ۽ مؤلف سنڌي شعبي جو سربراهه ۽ رسرچ سيل جو ڊاريڪٽر عبدالجبار جوڻيجو آهي.

٢- جناب هدايت آخوند اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي شعبو ٢١ آڪٽوبر ١٩٨٧ع تي لسانيات ۾ ايم اي ڪرڻ لاءِ لنڊن روانو ٿي ويو، جتي هو سڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن سٽڊيز ۾ رهي ڪورس مڪمل ڪندو.

٣- سنڌي شعبي جو ائسوشيئيٽ پروفيسر جناب قاضي خادم پنهنجي پي ايڇ ڊي جي تحقيق لاءِ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ موڪل تي ٣٠ نومبر ١٩٨٧ع تي لنڊن روانو ٿيو ۽ خاندان ۾ قضيو ٿيڻ ڪري ١٢ ڊسمبر تي واپس وطن موٽيو.

RESEARCH JOURNAL

# KINJHAR

DEPARTMENT OF SINDHI
University of Sind
1988

ريسرچ جرنل

# ڪينجهر

٢

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي

١٩٨٨ع